نور افروز خواجہ

پير صدرالدين ۽ شاھ لطيف

پير صدرالدين ٦٨٩ھ مطابق ١٢٩٠ع ۾ سبزوار ۾ پيدا ٿيو. اسماعيلي عقيدي جي ٽيهين امام سيدنا اسلام شاھ کيس ’وصي محمد‘ جو لقب ڏيئي تبليغ جي دعوت جو حڪم ڏنو. هن سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ ڪوٽڙي الهڙ کيو شاھ ۾ پنهنجي مقصد جو هڪ مرڪز قائم ڪيو. جيئن ته پاڻ نئين هوندي کان ئي ملتان، سنڌ ۽ گجرات ۾ رهيو هو. انهيءَ ڪري کيس اتي تبليغ ڪرڻ لاءِ گهڻي مدد ملي.

پير صاحب پنهنجي تبليغي مقصد واسطي هندو ڌرم جو اڀياس ڪيو ۽ انهن جي ويدن، شاسترن، گرنٿن ۽ واڻين جو گهرو مطالعو ڪري، ويدانت ۾ مهارت حاصل ڪيائين. ويدانت ۽ تصوف جي مطالعي جي مدد سان پير ستگر نور جي ’ست پنٿ‘ ۽ پير شمس الدين جي ’شمسي مت‘ کي نئون روپ ڏنائين ۽ برهمڻن سان بحث ۽ مناظرا ۾ کٽائين. اسلام جي اصولن کي، منطق جي مدد سان ويدانت جي اصطلاحن جو رنگ ڏيئي، انهن جي اڳيان پيش ڪيائين. سندس تبليغ جي ڪري بيشمار ڀاٽيا، لوهاڻا، برهمڻ ۽ ٻيا سندس هٿ هيٺ بيعت ڪري مسلمان ٿيا ۽ پير صاحب کي مرشد ڪري مڃيائون. انهن نومسلمن کي پير صاحب ’خواجہ‘ جو لقب ڏنو.

پير صدرالدين انهيءَ تبليغي ڪم لاءِ هڪ رسم الخط ۾ تيار

ڪئي. انهيءَ رسم‌الخط جي باري ۾ ڊاڪٽر غلام علي الانا لکي ٿو ته:

”عربن جي دور ۾ سنڌ ۾ ڪافي رسم‌الخط رائج هئا. ماهرين جي شاهدين کان سواءِ پنهنجي ور مان لڌل نڪرين مان به رسم‌الخطن جو ثبوت ملي ٿو. هڪ نڪريءَ تي اهڙو رسم الخط آهي (١). جيڪو اڄ به خواجه جماعت ۾ رائج آهي. انهيءَ مان اها دعويٰ ڪري سگهجي ٿي ته جيڪا قوم اسلام ۾ اچڻ کان پوءِ، پهرين ”ست پنٿي“ پوءِ ”خواجه“ جي لقب سان مشهور ٿي، تنهن قوم ۾ (ممڪن آهي لوهاڻا) رسم‌الخط اڳي ئي رائج هو. جيئن ته نڪري تي ڏنل لفظ جي صورت مان ظاهر آهي ته هن رسم‌الخط ۾ ماترائن جو رواج ڪونه هو. پير صدرالدين هن جو مطالعو ڪري ان ۾ سڌارا آڻي، ماترائن جو رواج وجهي، ان کي علمي لکت لاءِ موزون بنايو، ته جيئن نوان مسلمان خواجه اسلامي تعليم ۽ اصولن کي پنهنجي مقامي ٻوليءَ ۾ لکي ۽ سکي سگهن (٢). هن رسم‌الخط ۾ سنڌي سر به موجود آهن مثلاً. آ. آ. اِ. اي. اِي. اُ او و غيره.

هن رسم‌الخط ۾ نه فقط مذهبي اصولن، پر ادبيات، تاريخ ۽ فلسفي تي به مضمون لکيا ويا آهن. هي ڪتاب اڄ به دنيا جا اسماعيلي پڙهندا رهن ٿا. اهي ڪتاب برٽش ميوزم لئبرري، انڊيا آفيس لائبرري، انگلينڊ ۽ ٻين مشهور لئبررين ۾ موجود آهن.

پير صدرالدين هڪ وڏو عالم، فاضل ۽ شاعر هو. هن نو مسلم

(١) ڊاڪٽر الانا، ”سنڌي صورتخطي“ ص - ١٣.

(٢) ڊاڪٽر الانا، ”سومرن جي دور جي شاعري“ نئين زندگي مارچ ١٩٧٢ع.

خواجن کي دين جا اصول شعرن ذريعي سمجهايا، جن کي "گنان" سڏيو ويندو آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو گنانن بابت لکي ٿو ته:

"گنانن جي هيئت بيت کان مختلف آهي. يعني ڪافيءَ وانگر ٿلهه ۽ ان کان پوءِ هر بند علحدو ڏنل آهي. گهڻن ۾ هر بند کان پوءِ ٿلهه ورجائجي ٿو:

آهي گنان هندي، گجراتي، ملتاني، ڪڇي ۽ سنڌي (لاڙي) ٻولين ۾ آهن. جن ۾ بيشمار ديسي تشبيهون، استعارا ۽ ڪنايا به ملن ٿا. پيرصاحب جي ڪلام ۾ ڪم آندل ڪي اصطلاح به سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندا رهن ٿا، هنن بيتن مان معلوم ٿين ٿا ته:

ڪپاٽئين ڪتيو يارا، جڏهن ستو لوڪ،
تنهين پنهنجو ڪتي وڌو، ڪڇيءَ ڳاڙهو ٽوڪ،

يا

جيڪي صبحڙي نه جاڳيا، تنهن ڪي حورون نه ايندي هٿ.
سي هاءِ هاءِ ڪندا، هٿ هڻندا، جيئن هاريءَ وڃائي وٽ.
انهيءَ کان سواءِ "تانگهي متي ترهو پڌن" وغيره.

پير صدرالدين جو ڪلام تصوف ۽ ويدانت جي ميلاپ جي مضمون سان ڀرپور آهي. پنهنجي ڪلام ۾ هن دنيا کي فاني ليکيو اٿس، ۽ انسان کي نصيحت ٿو ڪري ته: هي دنيا ڪنهن کي به نيبهه ڏيڻي ڪانهي. تنهن ڪري لازم آهي ته دل مان

(٣) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو: "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ١٩٧٣ع.

ڪوڙ، ڪپٽ ۽ دولاب کي دور ڪري نفس جي غلاميءَ کان بچي، باطل کان دور رهي حق جي ڳولا ڪري، ننڊ ترڪ ڪري، سڄي رات الله جي عبادت ڪري، وغيره. مطلب ته سندس سڄي ڪلام جو مقصد نصيحت ڪرڻ ۽ روحاني تعليم ڏيڻ آهي.

پير صدرالدين جي ڪلام ۾ خدا ۽ رسول الله ۽ مرشد جو ذڪر آهي. اهڙي ڪلام کي جميل جالبي "ذڪري ڪلام" سڏي ٿو، "ذڪري ادب ۾ بنيادي طور خدا جو ذڪر، رسول جو ذڪر ۽ پير و مرشد جي باطني تجربن جو ذڪر ۽ روحاني واردات کي اهڙي طريقي سان وزن ۽ عام فهم لفظن ۾ لکيو وڃي ٿو. جو انهيءَ کي ڳايو به وڃي ۽ سازن تي وڄائي به سگهجي ٿو. ذڪري جي حيثيت مختصر گيت يا راڳ ۽ راڳڻين جي انهن ٻولن، ماترائن تي آهي، جن کي ڳائي، وڄائي، ماڻهن جي اندر ۾ عالم وجد ۽ سرور پيدا ڪيو وڃي ٿو. انهن ۾ عشق ۽ محبت جا جذبا به هوندا آهن، ۽ اهڙا ناصحانه مضمون به جن سان مريد ۽ طالب کي هدايت ٿي سگهي ٿي. (١)

انهيءَ کان سواءِ پير صدرالدين پنهنجي ڪلام ۾ قيامت جون ڏهه نشانيون به ٻڌايون آهن. فرمائي ٿو ته اهڙو وقت ايندو جڏهن نه برڪت هوندي، نه محبت رهندي، نه شرم هوندو ۽ نه ئي رحمت، سخاوت، ايمان، قول، عدل ۽ صبر رهندو. هو فرمائي ٿو ته اهڙو وقت ايندو جو علم ڪير به نه ڄاڻندو. عالمن کي ڪير به نه پڇندو. سيٺي ڪپڙي ۽ لباس کي ئي اهميت ڏيندا.

١- ڊاڪٽر جميل جالبي: "تاريخ اردو ادب" مجلس ترقي ادب لاهور ١٩٧٥ع ص ١٠٧

پير صدرالدين شاهہ لطيف کان گھڻو اڳ ٿي چڪو آھي ۽ ھتي اسان ٻنھي جي ڪلام ۾ مضمون ۽ موضوع جي ھڪجھڙائيءَ جا ڪجھہ مثال پيش ڪريون ٿا.

پير صدرالدين فرمائي ٿو تہ ساراھہ ھڪ الله کي جڳائي جو ٻنھي جھانن جو والي آھي ۽ جنھنجو ڪوبہ ثاني نہ آھي.

اويچل الله ، اويچل خالق،
اويچل قائم - ديال ايجي.

شاھہ لطيف فرمائي ٿو تہ:

اول الله عليم ، اعلیٰ عالم جو ڌڻي،
قادر پنھنجي قدرت سين قائم آھہ قديم،
واحد والي وحدہ' رازق رب رحيم،
سو ساراھہ سچو ڌڻي چئي حمد حڪيم،
ڪري پاڻ ڪريم ، جوڙون جوڙ جھان جي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو تہ:

الله ھڪ چاڻــو سر جڻھار،
محمد چاڻو الله جو نبي.
نبي کان پوءِ صاحب امامت،
سچو چـاڻجو مرتضیٰ علي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو تہ:

تون ھي گُر، تون ھي نـرَ،
تـون ھـي ايـجـي آشـا.

شاھہ سائين فرمائي ٿو تہ:

سو ھي ، سو ھو ، سو اجل ، سو الله،
سو پرين، سو پساھہ، سو ويري، سو واھرو.

پير فرمائي ٿو، ته انسان کي الله جي ذات ڏانهن رجوع ڪرڻ لاءِ اهو بهتر طريقو آهي، ته هِن سڀني شين جي گهٽ ۽ بي بقا هجڻ ڏانهن هن جو ڌيان ڇڪائجي. خود انسان جيڪو جمڻ کان مرڻ تائين هن دنيا لاءِ ٻاڻ پتوڙي ٿو، تنهنجي فاني ۽ بي بنياد هجڻ ڏانهن توجهه ڏيارجي.

دنيا فاني چائشين،
ڪل جڳ ڏينهن چار،
ٻانا! هي لاڏائو ساٿ، الله ياد ڪريو.

هيءَ دنيا فاني آهي، هن جي هر شي فنا ٿيڻ واري آهي، موت جو وقت آهي، پر انسان کي انهيءَ جي ڪُلّ به ڪانه ٿي پوي. انهيءَ ڪري انسان کي گهرجي ته هر وقت دل جي گهراين سان توبهه ڪري.

شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

”موت مند نه آهي. تائب ٿيو تڪڙا،
عجلوا بالتوبه قبل الموت، ويه تون ويرم لاهي.“

هن دنيا کي فلسفين هميشه رڃ يا ڇاڇي سان تشبيهه ڏني آهي. يونان جي مشهور فلسفي افلاطون هن دنيا کي ڇاڇو سڏيو آهي. جرمن ڪانٽ به زمان ۽ مڪان کي خارجي حقيقت نٿو سمجهي. تصوف ۽ ويدانت جي علمبردارن به جڏهن هن دنيا تي نظر ڪئي ته کين هيءَ دنيا رنگيني ۽ دلڪشي جي باوجود فقط خواب، اوديا جو اڻ هوندو اسرار يا نوڙيءَ ۾ نانگ نظر آئي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو ته: جن دنيا جا عيش آرام ڦٽا ڪري پاڻ سان ڪي به کين ڪنيو، (جو ته محبوب هوند وارن کان ٻري ۽ اڻ هوند وارن کي ويجهو آهي). تن جو تياڳ اکيو.

ڪوڙا منبپ ساڙيون، ڳهر ڳهوڙا پندار،
ڪنهن نہ نيا پاڻ سين پارا، جيو چلنتي وار.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

ڪاڪ نہ جهلئيا ڪاپڙي، موهيا نہ محلن،
پائين ۽ پانهين، جي پنڌڻ ڪين پڄهن،
لکين لاهوتين، اهڙيون اورنا چڏيون.

قرآن شريف ۾ آهي تہ:

”پلي معلوم ٿئي ٿي، ماڻهن کي محبت خواهش جي. عورتن، پٽن ۽ ڍير ٿيل مالن مان، سون ۽ چانديءَ مان ۽ پليل گهوڙن ۽ چوپاين ۽ کيتيءَ مان، اهو سامان آهي. دنيا جي زندگيءَ جو ۽ الله وٽ آهي چڱي جاءِ موٽڻ جي.“ (١)

پير صاحب فرمائي ٿو تہ:

ڪهڙيون اڏائين ڪڏ ماڙيون،
تهن ۾ ڪهڙا پائين چٽ،
سڀئي ڏريندا ڏوڙ ۾،
مٿان لتون تي ڏيندا مٽ.

انهيءَ ڪري اي غافل انسان تون خدا جي عبادت ۽ بندگي ڪر. آخر توکي صبحاڻي اڪيلو ئي وڃڻو آهي. توسان ڪڏ ڪير بہ نہ هوندو، تو ماءُ جي پيٽ ۾ ئي پنهنجي حيي القيوم مالڪ سان عهد ڪيو آهي. انهيءَ کي پورو ڪر، تون پنهنجي دل ۾ سچو ايمان رک ۽ پنهنجن نفسياتي خواهشن ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موهہ ۽ اهنڪار کي ترڪ ڪر.

پير فرمائي ٿو تہ:

(١) مولانا عبدالرزاق روهڙائي، ”قرآن مجيد جو سنڌي ترجمو.

کاچي کايا، جوني مايا،
بندا نهين، چالي تيري سات،
انتڪال جائيشي ايڪلا،
بندا جئشي ڏالي هات.

شاهه سائين انسان کي نصيحت ٿو ڪري ته موٽين ۽ مائٽن کي وساري ڪچ ۽ ڪوڙ جو واپار پيو ڪرين، صاحب کي رکو سچ ٿو وڻي، تون پاڻ مالڪ آهين، اندر ۾ محبت جو مچ ٻار. تنهنجو ڀيرو پاڻ سان چوڻيءَ تائين چور آهي ۽ اها توکي ڄاڻ آهي:

ڪچ ڪمايوم ڪوڙ، ڀڳم عهد الله جا،
ڀيرو جو پاڻ جو، سو چوڻيءَ تائين چور،
معلوم اٿيئي مذڪور، ڳوڙها انهيءَ ڳالهه جو.

پير صاحب فرمائي ٿو ته: عاشق کي معشوق جي وصال لاءِ هميشه ڪوشش ڪرڻ گهرجي. پرينءَ جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ ضروري آهي ته ننڊ کي ترڪ ڪريو. سڄي رات الله جي عبادت ڪريو جو ته:

اُٿ بيٺ بندا، تون ڪائي ڪون سوتا هي.
سو وڻ پلا نهين هووي، جا کرا صاحب سيڪو پاوي.
سووي نه پاوي ڪوئي.

شاهه سائين فرمائي ٿو ته جيڪي سنجهي ننڊ ۾ سمهي رهن ٿا، سي ڪيئن پنهنجي محبوب کي حاصل ڪندا:

سنجهي رهين سمهي، غافل سنجهه گهرن،
ليڙن جو لطيف چئي، ڪر ڳل سوهه نه ڪن،
سي ڪيئن محب مڙن، جي سنجهي رهن سمهي.

پير صدرالدين فرمائي ٿو ته: مصيبتن کان گهبرائجي انسان کي ڪوشش جو دامن هٿان نه ڇڏڻ گهرجي. محبوب جي ديدار

لاءِ آخري دم تائين بہ انسان جي جستجو جاري رهڻ گهرجي. سچو طالب ڪڏهن بہ نراس نٿو ٿئي پر هو راتين جو جاڳي ٿو، ۽ پنهنجي منزل ماڻي ٿو.

آئي الله نہ گهرين ٻندا،
تون ستين سڄي رات،
ٽڪا جوڙي جيو جي،
نڪو سمر ساٿ،
شاهہ جو محبوب تنهين تي،
جوڳي صبحڙي جاڳيا.

شاهہ صاحب فرمائي ٿو تہ سلطاني سهاڳ آهي ئي مانهندا، جيڪي ننڊون نہ ڪندا.

"سُتا آئي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نہ ملي."

پير صدرالدين پنهنجي گنانن ۾ تمثيلي انداز کان ڪم ورتو آهي. هن اشارن، ڪنايہ، تمثيلن ۽ علامتن ذريعي عشق ۽ محبت جو اظهار ڪيو آهي. هو چرخي ڪتڻ وارين جو مثال ڏيئي چوي ٿو تہ هن ڪي اهڙي ڪا لنئو لڳل آهي جو آسر جو اچيو آڻ ۾ ويهن ۽ سٽ ڪتين.

ڪپاتئين ڪتيو پيارا جڏهن ستو لوڪ،
تنهين پنهنجو ڪتي وڌو، ڪجهيءَ ڳاڙهو ٿوڪ.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ ڪتڻ واريون ڪتين بہ پيون ۽ ڪتين بہ پيون. اهي نفعي ڪارڻ آسر جو اچيو آڻ ۾ ويهن، انهن جي سٽ جي سهڻائيءَ لاءِ صراف بہ سڪن ٿا، انهن جا سٽ ڪڏهن بہ تارازيءَ ۾ نہ تريا پر ائين ئي اگهامي ويا.

کو جو وه کاپائتين، کنبن ۽ کتين ،
کارڻ سود سواربون ، آڻ منجهه اچن ،
ان جي ..ونهن سيد چئي ، صراف ئي سکن ،
اگهيا ست سندين ، پائي تارازي نه توريا.

پير فرمائي ٿو ته انهن جوڙا به ست کتيا، اگهامي ويا.

جيڙو ني تيڙو ، اگهيو يارا، هوند کتيائون ،
پوه صبحائي سرتين وچ، ملي مرکيائون .

شاهه سائين فرمائي ٿو ته جيکي مٿن به محبت رکي ست کتين ٿيون انهن جا اڻ توريائي اگهامجي ويا .

محبت رکي من ۾ رنڊا روڙيا جن ،
تن جو صرافن ، اڻ توريو اگهايو.

پير فرمائي ٿو ته انهيءَ کري جن سائينءَ کي پوڄيو اهي دنيا جي خوفن ۽ خطرن سان مقابلو کري سگهن ٿا. هو توبهن زاري جي برکت سان طوفانن مان به سلامتيءَ سان پار آکري وڃن ٿا. هو توکل جي آذار تي اونهيءَ مان اکري ويا . انهن کي وچ سير ۾ کنهن ماهر مکانيءَ جا هٿ اچي رسيا. اها سڌ غواص کي ئي آهي ته سمنڊ کيئن سوجهجهي . اهو تمام وڏو ۽ گهرو سمنڊ آهي ، جنهن جي انتها تائين هر شخص نٿو پهچي سگهي . پر جيکو به پهتو ، اهو انهيءَ مان ماڻک ضرور مائيندو.

سها آ گم سمندر کهاوي ،
جا کون کوئي پار نه جاوي ،
جو اس سمندر مان ڊبکي کاوي ،
مرجيوا هو ئي سو ئي ماڻک لاوي.

شاهہ سائين فرمائي ٿو تہ:

سي ھوچارا پر ٿيا، سمنڊ سيوبو جن،
آندائون عميق مان، جوتي جواهرن،
لڌائون لطيف چئي، لالون مان لهرن،
ڪانهي قيمت تن، ملهہ مهانگو ان جو.

پير فرمائي ٿو تہ عاشق کي عشق جي راهہ ۾ سڀ تڪليفون ۽ مشڪلاتون برداشت ڪرڻيون پون ٿيون. ڪيئن نہ جيتامڙو پتنگ محبت وچان باهہ ۾ ٽپي پاڻ کي فنا ڪري محبوب جو مشاهدو مائي ٿو، ۽ پين عاشقن لاءِ محبت جو مثال ڇڏي ٿو:

ساچي ري پريت پتنگ ڪهئي ري،
جو آلت آلت ڪر انگ ديت هي،
ايک ديپک کيري ڪارڻي،
ڪئي پتنگ جيو دي.

شاهہ سائين فرمائي ٿو، پتنگ روشنائيءَ جو ڪوڏيو آهي ۽ جيستائين منجهس پاڻ نہ جلائيندو. تيستائين آرام نہ ايندس، اي انسان جيڪڏهن تون پتنگ وانگر سچو عاشق سڏائين ٿو تہ معشوق جي نور ۾ پاڻ کي فنا ڪر.

پتنگن پهہ ڪيو، سڙيا مٿي مچ،
پسي لهس نہ لچيا، سڙيا مٿي سچ،
سندا ڳچين ڳچ، ويچارن وڄائيا.

سٺيءَ جو مثال ڏيندي پير انسان کي نصيحت ٿو ڪري تہ اگر توکي سچائيءَ جي رستي تي هلڻو آهي تہ ائين هل، جيئن سٺي ڪپڙي مان لنگهي ٿي.

مت ڪيري ڀاوڙئين،
ويران ڀائي رايون چلوري،
جيون سٺي ڪپڙي راڳا.

شاهه سائين وري سٺيءَ جو مثال ڏيئي فرمائي ٿو ته سٺي انسان جا عيب ڍڪي ٿي، پر پاڻ سدائين اگهاڙي ٿي رهي ٿي، اي انسان تون به ائين ٿي جاڻ رک.

پاچاهي نه ڀاڙبان، سرتيون سٺيءَ سان،
ڍڪي اگهاڙن کي، ڪين ڍڪيائين پاڻ،
پيهر چاپي جاڻ، ابر جي اوصاف کي،

پير فرمائي ٿو ته اي انسان تون غافل نه ٿي، هروقت هوشيار رهه، ائين نه ٿئي جو وقت اچڻ تي پڇتائڻو پوي.

تانگي سٺي ترهو تاڙي تو نه ٻڌو،
جڏين ني لهرين لوڙيو، تڏهن تو سنڀارئين.

شاهه سائين به فرمائي ٿو ته تانگهي ڀاڻي ۾ ٿي سان ترهو ڪڻ چو ته اونهي ۾ ڀيو ڪو به آئي نه ڏينده.

تانگهي ۾ تاڻي، ٻڌ پنهنجو تُرهو،
اونهي ۾ آئي، ڪونه ڏينده ڪو پيو.

مطلب ته جڏهن ڳولا ڪرڻ وارا ڪنهن مقصد کي حاصل ڪرڻ جي جستجو ڪن ٿا، تڏهن ڪين ان ۾ ڪاميابي ٿئي ٿي. اهي راهه جي وروڪڙن کان واقف ٿي اڳتي وڌن ٿا ته مولا جي مهر سان منزل ماڻين ٿا. اهوئي ٻنهي جي ڪلام جو مقصد آهي.